# سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريه 1994
# SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 1994
# سنڌ ڪول اٿارٽي (ترميم)آرڊيننس، 1994
# THE SINDH COAL AUTHORITY ORDINANCE, 1994

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. سنڌ ايڪٽ VI مجريه 1994 جي دفعه 7۾ ترميم.
Amendment of Section 7 of Sindh Act VI of 1994


## سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريه 1994

# SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 1994
# سنڌ ڪول اٿارٽي (ترميم)آرڊيننس، 1994
# THE SINDH COAL AUTHORITY ORDINANCE,1994

تمهيد (Preamble)

[ 18اڪتوبر 1994]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ ڪول اٿارٽي ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ ڪول اٿارٽي (ترميم)ايڪٽ 1994 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس نه هلي رهيو آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1). هن ايڪٽ کي سنڌ ڪول اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس 1994 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفورلاڳو ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ VI مجريه 1994 جي دفعه 7 ۾ ترميم
Amendment of Section of Sindh Act VI of 1994.

3. سنڌ ڪول اٿارٽي ايڪٽ 1994 ۾ دفعه 7 ۾ ذيلي دفعه (1) جي شق (VI) جو هيٺيون متبادل سمجهيو ويندو.

| | |
|---|---|
| | آفيشل ميمبر |
| (vi)”سنڌ سان تعلق رکندڙ 2 قومي اسيمبلي جي ميمبرن کي اسيمبلي پاران نامزد ڪيو ويندو. | آفيشل ميمبر |
| (vii)چار ميمبرن کي صوبائي اسيمبلي جي طرفان نامزد ڪيووويندو. | نان آفيشل ميمبر |
| (viii) پڻ نان آفيشل ميمبرن کي حڪومت جي طرفان نامزد ميمبر ڪيو ويندو. | |

**نوٽ:** آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.